SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2007
# SINDH ACT NO.II OF 2007
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2007
# THE SINDH FINANCE ACT, 2007

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment section 9 of of Sindh Act No.XIII of 1994

3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII ۾ شيڊول جو اضافو
Addition of Schedule to Sindh Act No.XIII of 1994

4. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2007
# SINDH ACT NO.II OF 2007
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2007
# THE SINDH FINANCE ACT, 2007

[24 آڪٽوبر 2007]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي ۾ داخل ٿيندڙ يا صوبي کان ٻاهر ويندڙ يا هوائي يا سمنڊ ذريعي ملڪ کان ٻاهر ويندڙ شين جي سڏي ۽ محفوظ چرپر لاءِ انفرااسٽرڪچر جي خاص سنڀال ۽ ترقي لاءِ سيس کي معقول بڻائڻ لاءِ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته صوبي ۾ داخل ٿيندڙ يا صوبي کان ٻاهر ويندڙ يا هوائي يا سمنڊ ذريعي ملڪ کان ٻاهر ويندڙ شين جي سڏي ۽ محفوظ چرپر لاءِ انفرااسٽرڪچر جي خاص سنڀال ۽ ترقي لاءِ سيس کي معقول بڻائڻ لاءِ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2006 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي دفعه 9 جي ترميم

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به جاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 9 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

Amendment section 9 of of Sindh Act No.XIII of 1994

"(1) انفرااسٽرڪچر جي سنڀال ۽ ترقي لاءِ هن ايڪٽ جي شيڊول جي روشنيءَ ۾ مال جي ملھ جي بنياد تي محصول لڳايو ويندو تہ جيئن خشڪي، بحري يا هوائي رستي سامان حفاظت سان صوبي ۾ آندو يا هتان ٻاهر موڪليو وڃي؛

بشرطيڪ سون تي محصول سون جي اگھہ جي 0.125 سيڪڙو جي حساب سان اوڳاڙيو ويندو.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ لفظ "انفرااسٽرڪچر" ۾ شامل آهن، روڊ، گھٽيون، پلون، ڪلورٽس، رستن تي لائيٽون، رستن تي گلڪاري، سمنڊ ڪنارا، عوامي پارڪون، عوامي تفريح ۽ اچ وڃ جي جڳھہ، ڪائڻ پيئڻ جون جڳھون، مٽاڇرا، جھنگ، فشريز ڊيلٽا ڪنزرويشن، ڊنڊون، سامونڊي جيوت جي ڪاڏ جون جڳھون، جھنگلي جيوت ۽ ان سان لاڳاپيل جايون، پبلڪ اسڪول، ووڪيشنل ۽ ٽيڪنيڪل ٽريننگ سينٽر ۽ پروجيڪٽس، لائبريريز ميوزيمس ۽ ساڳئي قسم جا ادارا جيڪي صوبي طرفان سنڀاليا ۽ هلايا وڃن، شين جي صاف ۽ محفوظ چرپر لاءِ ٽرئفڪ ڪنٽرول، پبلڪ آرڊر، پوليس فورس، شين جي حفاظت لاءِ گشت، شين جي لوڊنگ ۽ ان لوڊنگ لا اڏا، پارڪنگ جون جايون، مارڪيٽس، واٽر سپلاءِ، اسپتالون ۽ ڊسپينسريون ۽ اهڙن معاملن جي ترقي، سڌارو، مرمت ۽ حفاظت وغيره."

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII ۾ شيڊول جو

3.جاٽايل ايڪٽ ۾ دفعہ 10 کانپوءِ، هيٺيون شيڊول شامل ڪيو ويندو:

اضافو

Addition of Schedule to Sindh Act No.XIII of 1994

## شيڊول

(ڏسو دفعہ 9)

| شين جو صافي وزن | مفاصلي سان گڏ محصول جو ملھ |
|---|---|
| 1250 ڪلوگرامز تائين | سي ۽ ايف ملھ جو 0.5 سيڪڙو واڌو هڪ پئسو في ڪلوميٽر |
| 1250 ڪلوگرام کان وڌيڪ پر 2030 ڪلوگرامز کان وڌيڪ نہ | سي ۽ ايف ملھ جو 0.505 سيڪڙو واڌو هڪ پئسو في ڪلوميٽر |
| 2030 ڪلوگرام کان وڌيڪ پر 4060 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ | سي ۽ ايف ملھ جو 0.510 سيڪڙو واڌو هڪ پئسو في ڪلوميٽر |
| 4060 ڪلوگرام کان وڌيڪ پر 8120 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ | سي ۽ ايف ملھ جو 0.515 سيڪڙو واڌو هڪ پئسو في ڪلوميٽر |
| 8120 ڪلوگرام کان وڌيڪ پر 16000 ڪلوگرام کان وڌيڪ نہ | سي ۽ ايف ملھ جو 0.520 سيڪڙو واڌو هڪ پئسو في ڪلوميٽر |
| 16000 ڪلوگرامز کان وڌيڪ | سي ۽ ايف ملھ جو 0.525 سيڪڙو واڌو هڪ پئسو في ڪلوميٽر |

وضاحت: شيڊول جي مقصد لاءِ ملھ جو مطلب آهي مالڪ ڏانهن لهڻل شين جي C&F قيمت، جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفان سامان داخل ٿيڻ تي اوڳاڙي

وجي ۽ صوبي جو انفرااسٽرڪچر استعمال ڪرڻ تي ۽ ٻين شين لاءِ قيمت جيڪا شپنگ ڊاڪومينٽس ۾ ڄاڻائي وڃي ۽ مفاصلو مطلب صوبي اندر مفاصلو جيڪو طئي ڪيو وڃي.

| | |
|---|---|
| 4.سنڌ ماليات (ترميم) آرڊيننس، 2006 جي منسوخي. | منسوخي<br>Repeal |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**